پڪاري پيو
اها صدا ٻڌي مان گونگِي ٿِي ويئِي آهيان، ٻوڙي ٿي
ويئِي آهيان .....
ڪِڇِي نٿِي سگهان.....!
ٻُڌي نٿِي سگهان.....!
ڪيڏي نہ لاچار آهيان.....!

نذير ناز (سنڌ) ۱۹۸۷ع

ناهي. توهانکي نئين دنيا جي ايڏي ڪاميابيءَ تي لک لک واڌايون هجن. اسان جون دعائون سدائين توهان سان ساٿ آهن.

شال سدائين قائم رهي نئين دنيا رسالو!

آگسٽ ١٩٦٨ع

علي محمد ميمڻ (ٽنڊو ڄام - سنڌ)

اَدل مون دڙي جي ڳوٺ (ضلع ٺٽو) مان نئين دنيا کي اڳي خط لکيو هو، (جنهن ۾ هن نئين دنيا بابت رايي سان گڏ پنهنجي ڳوٺ جي وسريل هندو دوستن سان لکپڙه ڪرڻ لاءِ هنن جو پتو پڇيو هو- سمپادڪ) جنهن جي ڇپجڻ کانپوءِ مون کي منهنجو هڪ ننڍپڻ جو وڇڙيل دوست ملي ويو. هاڻي اسانجي باقاعدي خط ۽ ڪتاب ڏيندي رهي ٿي. مون وٽ اهڙا لفظ ئي ڪونهن جيکي توهان جي ان ڪيل ٿوري ڳڻڻ لاءِ استعمال ڪريان. ٻه وڇڙيل ملن، ڇا اِهو ڪو گهٽ ٿورو آهي!

نئين دنيا جا ڪي پرچا دڙي جي ائڊريس تي پهتا هئا، پر پوءِ نوڪريءَ جي سلسلي ۾ ٽنڊي ڄام هليو آيس. انهن حالتن ۾ ١٢ مهنا ڪن گذري ويا. اڄ اوچتو توهانجا ڇپيل ڪتاب 'ٺڳور - هڪ جهلڪ'، 'چوڏهن پارتي ڪهاڻيون'، 'روپ ۽ ڪلا' ۽ 'پارت-روس دوستي' هڪ دوست کان ملي ويا. ڪتاب ته پراڻا آهن، پر توهان جي ياد وري تازي ڪري ڇڏيايون.

اَدل، اَءٌ ترقي پسند اَدب پڙهندو آهيان. توهانجي مخزن

’نئين دنيا‘ منهنجي دلپسند مخزن آهي. جيڪڏهن توهان تڪليف وٺي نئين دنيا ۾ پيا ترقي پسند ڪتاب هن نئين پتي تي موڪليندا ته مهرباني ٿيندي. سيني سنڌين کي منهنجا سلام!

نئين دنيا، ڏياري پرچو، ۱۹۷۰ع

محترم ياءُ،

منهنجو خط ڏسي اوهانکي شايد عجب لڳندو.

در اصل مونکي اوهانجو گهڻو اڳ جو افساني لاءِ جوڳ وسريو ڪين هو. براه راست هن ڪان اڳي مان اوهانجي گهر جي باوجود ڪهاڻي نه موڪلي آهي، اُن جو سبب اهو ئي هيو ته اڄڪلهه لکڻ جي رفتار ۾ تيزي نه رهي اٿم. بهرحال افسوس اٿم ته ڏات جي وير دير سان وري ۾ ’نئين دنيا‘ لاءِ - پوءِ به نڇاٽان سان ڇا آندائين، ڪي ڪوڏيون الائي موتي يا مرڳوئي واريءَ لپ!

اوهان ڏسو ۾ پڌايو ڪهاڻي ’رمندا بادل‘ ڪيئن آهن؟

تازو ’نئين دنيا‘ اپريل جو پرچو ڏٺم. اوهان اها سائيز رسالي جي نڇاٽان ڪڏهن ڪان شروع ڪئي آهي. بهرحال مون هينئر ڏٺي. منهنجي طرفان مبارڪون قبول ڪندا - ڇا لاءِ؟ - رسالي جي سائيز لاءِ -

اوهان لاءِ منهنجي اها مبارڪ آهم نه به هجي، پر مونکي ته ’نئين دنيا‘ جو اهو روپ وڻيو، تڏهن مبارڪ ڏنم.

مونکي هندستان ۾ ڇپيل ڪجهه بهترين سنڌي ڪتاب